اهڙ ڪيتري قدر واجب آهي ته هڪ ڇوڪري جوان

ڇوڪري منهنجي لاءِ هتي سان ڇاءِ ٻاهران اچي ويهي؟
ماڻ ڇو ٿاڃي نه ڪوٺ ٿي وڃي؟"
"ٻيلا هوءَ به ڇا ڪري؟ لاچار ٿيو هئي."
"لاچاري؟ ڇا جي لاچاري؟"
"تون صبر سان ويهه ته توکي سربستي ڳالهه سمجهايان ٿي."
هوءَ وڃي ويهي رهيو ۽ صبر سندس دل ۾ بلڪل نه هو.
"هڪ عجيب معاملو ڪجهه ڏينهن کان هلي رهيو آهي،" پيٽس ڪلي ڇيو، "هڪ ڏينهن تون ڇت تي واپولن وڃائي رهيو هئين. شيرن به پنهنجي مڪان جي ڇت تي ويهي، مهني جي پوتين ٿاريخ لئون چنڊ ڏسي رهي هئي. چنڊ ڏسي جنن ئي هن ڪنڌ ورايو ته توهين نظر پيس. شيرن جو چوڻ آهي ته اهو سوڻ سندس لاءِ نهايت سڀاڳو ثابت ٿيو، ڇو ته مدت کان سندس من ۾ سانڍيل مراد اوچتو پوري ٿي. اڳي مهني به ساڳيءَ طرح چنڊ ڏسي، هن توهانجي شڪل ڏٺي. پوءِ به سندس من جي مراد پوري ٿي. هاڻي ته ڪيس پڪو وشواس ٿي ويو آهي ته توهان چنڊ ڏسي ان بعد توهانجو منهن ڏسڻ هن لاءِ تمام سٺو سوڻ آهي."
"هون.... ان ڏينهن اولنده ۾ ويهي، هوءَ شايد منهنجو ئي انتظار ڪري رهي هئي؟"
"تڏهن ڇا ڪري؟ تو ڇت تي وڃڻ ئي بند ڪري ڇڏيو هو.... اڄ ته هوءَ پڪو ارادو ڪري آئي هئي

نه سرڪنديءَ ڳالهه لڪي سمجهائيندي به سائنس ماڻهن کان
اهو لڪائي سگهي ها. ليڪن ڊاڪٽر محمد ڪيو ڇڏي. هن
ٻئي ڏينهن ٻه ڪلاڪ به ڪم کان هٽ نه ٿيو. اسان ڪجهه وقت
ته ڳالهايو؛ ٻيو ته ڪو به ماڻهو هن کي ڊسٽرب نه ڪري.
سمجهيو اهي ڳالهيون."

هن جي ڪمري ۾ هڪ وڏو پراڻو ٽيبل ٽائيم پيس رکيل هو.
هن سوڌو ڪيترائي ڪاغذ ۽ ڪتاب پيا هئا. ڊاڪٽر کين پڙهي
ٿو. ڪجهه ڪتابن مان اهو ساڳيو رهيو. پوءِ هن ڊاڪٽر
کي چيو، "ڏسو ته هي ڪهڙو عجيب ڪتاب آهي هن لکيو آهي
ته هر ماڻهوءَ جي معمولي سمجهه ۾ آهي.... پر...."

اوچتو هو ورقن کي ڦيرڻ لڳو. ڪمري ۾ رڳو ٽائيم پيس جي
ٽڪ ٽڪ ٻڌڻ ۾ ٿي آئي. هن پڇيو،
"توهان شيرن کي ڪيئن سڌاريو؟ مان سائنس ۾ گهڻي دلچسپي
رکندو آهيان. هي ڳالهه ڪيتري عجيب ۽ دلچسپ آهي....
آهي نه؟"

"پر توهان سائنس ..."

"توهان اڪيلا نه آهيو. مان سائنس ۾ ڪافي دلچسپي
رکندڙ هڪ مڪمل ڊاڪٽر آهيان، تنهن ڪري مون کي خبر آهي."

هو ٻئي ڏينهن شيرن جي ڪمري ۾ گهڙيو ته کيس ڏٺو
ته ٻه شير واقعي شير هئا. سندس ساڳيا
رنگ، ڳاڙهي ڳالهه، سونهري اکيون هيون، ڪارا پيلا پٽا
۽ گلابي سنهڙا ڏند ڏسي ڪمي محسوس ٿي.

"توهان ڏٺو هوندو؛ آهن شير! اصل ۾ ڏٺا جي

"ڪُل ڀڄڙي!" هوءَ نه چاهيندي به اِئين چئي ويهو. شيرين
جي اکين ۾ اُمڪ ڀڙڪڻ لڳو. "اڄ ٿي آءُ ان لڪي
ڀڄي موٽي ڏسڻ جي ڪوشش نه ڪج. اِهو نيڪ ٿيو
لڳي. چند جي ڏينهن مان پاڻ تنهنجي گهر ايندس."

شيرين کي لڳو ته خوشيءَ وچان سندس دل اُڇل
کائي ڀڄڻ سندس ڇاتيءَ کان ٻاهر نڪري رهي هئي.
ٿڙڪندڙ چپن کي پڪوڙي، ڏاڍي مشڪلات سان
چيائين، "او .... وڏي مٺي ٿنڪس ...."

مهيني بعد هوءَ شيرين وٽ وئي ته هن نهايت سنجيده
سان سندس آدرستڪار ڪيو. سنهڙي ڪماڻي چند
ڏي نيارڻ بعد، جڏهن شيرين پنهنجو ڪنڌ هن ڏانهن
وراڻيو ته ڪيس پاڻ ڏي اک ٽڪائيندو ڏسي، هوءَ
شرمائجي وئي. ڪيس اِئين لڳو ته سندس سيني ۾ ڪا
ٿڌي شيءِ سرڪڻ لڳي هئي. هن هڪدم پنهنجو
ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ پنهنجن چپن کي ڏندن ۾ جهلي،
انهن لي آهستي جيب ڦيرائڻ لڳي. جڏهن هن
پاڻ سنڀالي ڪنڌ مٿي ڪري وري ڏانهس نهاريو ته
بي اختيار ٽهڪي ڪلي ڏنو.

يڪايڪ هن جي همت شيرين جي سونهري وارن
ڏي ڪڇي وئي. شيرين ان لي ڪو به اعتراض نه ورتو.
هن سندس هڪ سونهري ڇڳ کي جهلي، هلڪو جهٽڪو
ڏنو. سندس اِها حرڪت شيرين کي نهايت پياري لڳي.
وارن جي ڇڪ سبب هن ڪنڌ ڇيو ڪري وات سان

شيرين جو وهمي سڀاءُ سندس دل ۾ ڇڙ پيدا ڪندو
هو ۽ هن جي صحبت مان ڪيس سڪ ملندو هو. ان
ڪري هوءَ ڪو نه ڪو بهانو بڻائي اڪثر ولس ويندو
هو. ڪجهه ڏينهن بعد هوءَ سندس اڳڙيءَ ماءُ جو علاج
به ڪرڻ لڳو.

وري چنڊ آيو. هن دفعي ڪيس لڳو ته چنڊ ڏسڻ
بعد شيرين نه صرف سندس ڇهري ۾ چٽائي نهاريو پر
سندس اکين ۾ پڻ!

'هيءُ اسانجو ٽالو ڏهاڙو پوءِ گهرو ٿي رهيو آهي.
هوءِ اڄ ڪيڏي نه اجنبي لڳندي هئي ۽ هاڻي ڪيڏي
نه پنهنجي ٿي پاسي' - ان وشواس سان گڏ هڪ پوڳاڏڙ
عوشي به سندس دل ۾ پيدا ٿي. اُن وقت هن وري
۾ شيرين جي وهم لسي وار ڪيو، "ڇا مان ڄاڻي
سگهان ٿو ته هن دفعي لنهنجي من ۾ ڪهڙي مراد
آهي؟"

شيرين سندس اکين ۾ گهوري نهاريو جڻ ڪانئس پڇي
رهي هئي، "ڇا، اڃا منهنجي وشواس کي ٽون وهم
سمجهي رهيو آهين؟"

شيرين وٽان ظاهري طور ڪو جواب نه ملندو ڏسي،
هن وري ساڳيو سوال دهرايو. هوءِ به ٿي منت ڪند
جهڪائي چپ رهي، پوءِ بڻ بڻ ڪري چيائين، "امي
سخت بيمار آهي. اڄ ڪالهه هوءِ بستري تان اُٿڻ جهڙي
به ڪانهي. ڏسو، مان هت ڪاله ٿي ڪريان ۽ مونکي

وشواس آهي ته ڏهن پندرهن ڏينهن ۾ هوءَ بسترو ڇڏي هلڻ چلڻ شروع ڪندي؟"

"ائين؟" هُو هڪدم اُٿي کڙو ٿيو، "جيڪڏهن منهنجي ڇوڪريءَ جي هڪ جهلڪ ۾ ئي ايڏو اثر آهي ته پوءِ منهنجو روز روز هت اچڻ؛ تنهنجي ماءُ جو علاج ڪرڻ ضروري ناهي. مان وري اچي چند لي ايندس. ليسن الوداع ...."

هُو هلڻ لڳو ته شيرين پنهنجي ساڄي هٿ سان سندس ڏائي ڪرائي پڪڙي ورتي. هن ڪنڌ ورائي شيرين ڏي نهاريو. سندس نيل اکين ۾ اهڙو ڀاو هو جو کيس لڳو ته صرف ڪجهه گهڙين لاءِ نه، پر عمر ڀر لاءِ شيرين سندس ٻانهن پڪڙي ورتي هئي. جڏهن شيرين سندس ٻانهن ڇڏي تڏهن هن آهستي آهستي ان کي پنهنجن چپن ڀرسان آندو. هڪ ڪن ۾ کيس امنگ آيو ته هو پنهنجي ڏائي ڪرائيءَ کي چمي وٺي، پر ٻيءَ ڪن هن ان آدمي کي دٻائي ڇڏيو.

ان بعد هُو نه فقط هر صبح جو بلڪ هر شام جو به شيرين جي گهر وڃڻ لڳو ۽ همدرديءَ سان سندس بيمار ماءُ جو علاج ڪرڻ لڳو. ٿورن ئي ڏينهن بعد بڍڙي بسترو ڇڏي گهر ۾ گهمڻ ڦرڻ لڳي. هڪڙو وشواس شيرين جي دل ۾ پختو ٿي ويو ۽ ٻيو وشواس هن جي دل ۾. رات جو سمهڻ وقت هُو ڇپڻ ۾ اکيون کپائي چپن ۾ ٻڙ ٻڙ ڪندو هو — "شي....ري.. ن."

مهني کن ڪالهوء شيرين جي من جي هڪ وڏي
مراد پوري ٿي. ڪيس شهر جي گرلس ڪاليج ۾ ليڪچرار
جي نوڪري ملي ۽ ان بعد ڪجهه مهينن لاء شيرين
جي من ۾ ڪا مراد نه پيدا ٿي. ان هوندي به
ٻنهي جي ملاقات جو سلسلو جاري رهيو.
هو محسوس ڪرڻ لڳو ته اڄ هو شيرين جي گهر
ويندو هو ڇاڪاڻ ته شيرين کي ان جي ضرورت
هئي ۽ هاڻي شيرين جي گهر وڃڻ گويا سندس عادت
بڻجي چڪي هئي. هن اهو به محسوس ڪيو ته اهنا
ڇڪ ٻنهي طرفن کان هئي. ڪيترا دفعا خيال آيس ته
هو پنهنجي دل جي ڳالهه شيرين کي ٻڌائي پر هڪ
پرش جو اهم ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪيندو هو.
جيڪا ڳالهه اول شيرين کي ڇوڻ گهرجي سا هو ڪئن
ڇوندو؟

.... ۽ هڪ ڏينهن شيرين ئي اهڙيء ڳالهه جي شروعات
ڪئي. رات ڪافي گذري چڪي هئي. هو شيرين
سان رهائيون ڪري جڏهن اٿيو تڏهن شيرين چيو،
”سياڻي چنڊ آهي.“
”ها آهي .... ڇو؟“
”شام جو جلد ايندا نه؟“
”وري ڪا مراد ...؟“
شيرين ڪند جهڪائي مرڪڻ لڳي.
”ڇا مان ڄاڻي سگهان ٿو ته ڪجهه عرصي بعد وري

اوچتو ڪيڏي مراد تنهنجي من ۾ پيدا ٿي آهي؟"
شيرين ڪافي دير فرش ۾ نظرون کپائي مرڪندي رهي. پوءِ هٻڪندي چيائين، "ڪا خاص مراد آهي."
"خاص؟ ڇا مان اها ڄاڻڻ لائق ناهيان؟"
شيرين شرم ٻوڙي والکر ٻوڙيندي وئي. نه هن جا چپ چرپا ۽ نه سندس نظرون مٿي کڄيون.
هن ٿي ٿالهه کي اڳتي وڌايو، "ٻڌ شيرين! ڪنهن نه ڪماري جي من جي خاص مراد نـه ڪڏهن ڪڏهن ٿي ليندي آهي."
شيرين شرمائجي اٿي کڙي ٿي.
اها رات هن الائي ڪيئن گذاري. ٻئي ڏينهن شام جو جڏهن ڏسي شيرين جڏهن سندس ڇوڪري ڏي اچار ته هڪ ڪماڻي جڏهن ٻدران سهسين ڇوڏس جا ڇڏه سندس ذهن ۾ چمڪڻ لڳا.
"هن قسم جي تڪليف شايد لوهالکي ويڻي لـہ ڪرڻي پوندي،" شيرين جا اهي لفظ وارولن جي ٽارن وانگر سندس وجود ۾ وڃڻ لڳا.
"مرادون ڪندڻيون ٿي ناهن، شيرين!" هن مرڪي چيو، "مان تو هيءَ تنهنجي خاص مراد آهي ۽ ۾ هڪ وهم ۾ ويساهه رکڻ بدران بهتر ليندو ته تون اُن مراد پوري ڪرڻ لاءِ اُدم نه ڪرين."
"هر ڪم ۾ اُدم نه ڪرڻو ٿي پوندو آهي. مولکي خبر آهي ته هڙ ڏايو سؤمان پسند آهي. کمس مجالس

لاءِ مونکي ٿي ونس وڃڻو پوندو.“
هو حيرت مان شيرينءَ ڏي نهاري سوچڻ لڳو، ’هيءَ ڇوڪري ان دل جي اڪيلائي کي پرکڻ ۾ ڪيڏي نه ماهر آهي.‘
ان بعد هو هر روز پنهنجي گهر ۾ ويهي بي چيني‌ءَ سان شيرين جو انتظار ڪرڻ لڳو. کيس يقين هو ته هوءَ جلد سندس گهر ايندي .... ۽ .... ۽ ....
.... ۽ سچ پچ هڪ ڏينهن شيرين سندس گهر گهڙي آئي. ان ڏينهن هوءَ خوشيءَ وچان جڻ اڏامي رهي هئي- ”او هو آءِ ايم رئيلي ونڊرفل!“ هن سندس پلنگ تي ويهندي چيو، ”مان سچ پچ ونڊرفل آهيان. هن ڳالهه قبول ڪئي. مهني کان ۾ اسانجي شادي به ٿي ويندي. معاف ڪجو. چار پنج ڏينهن توهان سان ملڻ نه ٿيو. اڄ ڪالهه ٿي نه بمبئيءَ کان موٽي آهيان.“
هو چرڪ ڀري پلنگ تي اٿي ويٺو پر زبان مان اکر به نه اُڪليس.
”اڙي توهين مونکي مبارڪ نه ڏيو.“
”جي.... ڇا؟.... ها.... مبارڪ شيرين!“ هن ڏاڍي مشڪلات سان اهي لفظ چيا.
شيرين موٽي وئي ته هو پلنگ تي اونڌي منهن ليٽي سوچڻ لڳو- ’وهم ڪنهنجي دماغ ۾ هو؟ شيرين جي يا منهنجي؟ ڪهڙو عجيب چڪر ڇتو! شيرين جو وهم حقيقت بڻجي رهيو آهي پر منهنجي حقيقت...؟ .... ۽ شيرين جو مون سان ناتو؟ ڇا ....؟ نه .... نه ....

مولکي وشواس آهي ته هو مولکي چاهي ٿي .... ته پوءِ
هن ٻئي ڪنهن سان زندگيءَ جو رشتو ڇو جوڙيو ؟ ڇا
هو مولکان الڳ سندس زندگيءَ ۾ ڪيڙي آيو هو ؟'

هڪ اسير پيڙا سندس لس لس ۾ اُڀري آئي. اُن
پيڙا سبب ٿي گذريل واپارو ڏينهن کان هو پريشان ۽
منجهيل رهيو هو ۽ گذريل سڄي رات هن ننڊ جي پڇتيءَ
سان گذاري هئي.

' ڪالهه اماس هئي ۽ اڄ چنڊ آهي. پيڙوا جو
چنڊ ... ' هو سوچڻ لڳو، ' پر هاڻي شهرن کي لڪا
اُن چنڊ جي ضرورت آهي، لڪا منهنجي. باقي ڏهاڪو
ڏينهن آهن ۽ پوءِ هوءَ ٻئي جي ٿي ويندي؛ مگر مان...
مان .... اُهين ڪڏهن ته ڏيندس."

من جي مونجهه، اندر جي ڪشمڪش ۽ پريشانيءَ
سبب هو اسپتال ڏي وڃي نه سگهيو. گهر ۾ به ويهي
نه سگهيو. بنا ڪنهن مطلب، بنا ڪنهن مقصد جي هو شهر
۾ رلندو رهيو. سگريٽن جي خالي پاڪيٽن ٿي آگرن جي
لڪ لڪ، ايڪيءَ جي ڪڙن ڪڙن ۽ ڪتن جي پڙلڪ
پڙلڪ سندس دماغ ۾ وچندي رهي. ٿي مختلف آواز
ٿيهي کي پهچڻ ليءِ، پهچڻو ٽالا هڪ بيهولو ٽڪندو-
ٿيئي پاسا الڳ الڳ ڏيکهه جا، ٿيئي ڪندو ان الڳ الڳ
ڏوڳرن جون!

شام ٽاڻين پاڪي پاڪي جڏهن هو لڪو ٽاڻهن سندس

پوءِ ازخود ڪيس شيرين جي گهر ڏي گهلي آيا. هوءَ پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ سان ڳالهائڻ ۾ مشغول هئي پر هن کي ڏسي هڪدم اُٿي آئي.

"اچو اچو. اڄ ڪٿان ڀلجي پيا آهيو؟"

"چيو، اڄ چنڊ آهي شيرين!" هن کي اڳيون جهڙا سندس آواز ۾ سندس نه هو.

"پر منهنجي من ۾ ته ڪا به مراد ڪانهي،" شيرين مرڪي چيو.

"مگر منهنجي من جي مراد ته اڃا پوري رهجي وئي آهي."

شيرين عجب مان هن جي وکڙيل وارن، پريشان چهري ۽ خشڪ چپن ڏي نهاريو.

"شيرين!"

"چئو...."

"جيڪڏهن مان چنڊ ڏسي، تنهنجي شڪل ڏسان ته ڇا منهنجي من جي مراد پوري ٿيندي؟"

"ڪهڙي خبر،" شيرين کي ازخود کل اچي وئي، "پر توهين ته منهنجي وشواس کي به هڪ وهم سمجهندا هئا."

"هڻ الهيءَ ڳالهه کي. پلا تون چنڊ ڏسڻ بعد، منهنجي شڪل ڏسي، جيڪڏهن چاهين ته منهنجي من جي مراد پوري ٿئي ته ڇا ائين ٿيندو؟"

"ضرور ٿيندو، اوس ٿيندو."

”نه پوءِ مون تي هڪ مهرباني ڪر.“

”مهرباني؟“

”ها شيرين! اڄ منهنجي من جي مراد ڪسي لسون پنهنجي من جي مراد ٻڌاءِ.“

”مان وڏيءَ خوشيءَ سان ائين ڪندس.“

”چڱو ته مان ڇت تي وڃي چنڊ جو انتظار ٿو ڪريان. تون ليسين پنهنجي ساهيڙيءَ کي روانو ڪر.“

ڏاڍيءَ مشڪلات سان هوءَ ڏاڪڻ جا ڏاڪا چڙهڻ لڳي. اندر جي آنڌ مانڌ ۽ ڪشمڪش جڻ کيس لوڙي رهي هئي.... مراد؟ ڪهڙي هئي سندس مراد؟ اهائي نه ته شيرين کانئس الڳ نه ٿئي، کانئس دور نه وڃي.... يعني؟... يعني نه شيرين جي شادي ٻمبئيءَ واري سان نه ٿئي.... اهو اڻ سهائيندو ويچار ايندي ئي هوءَ ڏڪي وئي. پر نهايت سختيءَ سان هن پنهنجي وسڪ دٻائڻ شروع ڪيو.

ڇت تي پهچي هن دور اولهه ڏي چتائي نهاريو. کيس گهڻو وقت انتظار نه ڪرڻو پيو. اولهه واري افق کان ڪجهه مٿيرو، ڪنول لهڻ جهڙي سهڻي چنڊ تي سندس نظر پيئي. ڏڪندڙ دل سان هن سڏ ڪيو، ”شيرين!“

”اچان آئي!“ ڪمال الله جي ڦانڪ وٽان شيرين جو جواب آيو.

”شيرين، شيرين، جلد اچ شيرين!“ اڌورائيءَ ۽ اڻ ڌتي وچان هوءَ خود ڪجهه ڏاڪا لهي آئي.

ڏ لڪڙ ۾ پنهنجي ساهيڙيءَ کان موڪلائي ، شيرين
ڏاڪڻ ڏي وڌي .

”جلد متي اچ شيرين ! پڙوا جو چنڊ (اٺيهه تاريخ
جو چنڊ) آهي . گهڻي دير نه ٽڪندو.“

شيرين ڪساهيءَ ڏاڪا چڙهندي ، سهڪندي
سهڪندي ڇت تي پهتي . اتاوليءَ مان هن اولهه ڏي
نهاريو مگر پڙوا جو چنڊ اوجهل ٿي چڪو هو.

” او .... آءِ ائم وبري ساري .... “ شيرين افسوس
ظاهر ڪيو ، ”منهنجيءَ ٿوريءَ دير سبب .... “

” نه شيرين .... “ بيحد نراسائيءَ مان هن شيرين جي
ڳالهه ڪٽيندي چيو ، ” تنهنجي نه پر منهنجي دير
سبب .... “

.... ۽ سر جهڪائي هوءَ ڏاڪڻ تان لهڻ لڳو. •••

(سيپٽمبر ١٩٦٥ع)

⊙ آنڌي ڇپڻ-ڪنڌهر جو پڙاڏو

بس .... اڃي نه، هڪ وک نه اڃي نه!
جوان حوُن، ڇرڪ اس، بيهوش هوا، لنتو پڙاڏو
پير جو وڻ ۽ وڻ جي پنن وٽ لبتل السي چالو! آن
چالو وٽ پهچي، روڪجي ٿو نهي گرد ر.... ها، ساهيون
ٿي نه آهي ڪنلاش جو ٽنون بنگلو. هيئيون طبقو جڙي
ڇڪو آهي پر متبان به ڪمرا شايد نهي واس نه ٿيا
آهن. هوُ پنهنجي گبڙو ڪڙلي جي واڪرڻ پالهن سان
لولڙين وٽان وهندڙ پکهر اگهي ٿو. جنڻ ڏينهن جو
اٿالگو سفر، جنڻ ڏينهن جي ڪوري ڏاڙهي!

بس .. اڃي نه، هڪ وک به اڃي نه!
پر سکلي مان ايندڙ آواز باغي من کي ڇڪي رهيو
آهي. راڳ انهب رول جي چست ڏن. مهراڻ سازن
جي آواز سان گڏ پوري ليء ۽ تال ۾ تاڙين جو
ڇهڪو ۽ وچ وچ ۾ 'ها .... ها .... آ.... آ ... هوُ ... هوُ....
اوُ .... اوُ ....' جي اوناڻي! اهڙي اوناڻي گرد
پنهنجي گرناٽي ڪٽيا ۾ اڪثر هر رات پڌلدو آهي
ڪنهن رواءُ بڪابل گڏڙ جي اوناڻي!

گرڊر کي ڳوٺ ياد ٿو اچي جنهنکي هن گذريل ٻن سالن کان 'پنهنجو' ٻڌايو آهي. گل مهر ۽ املتاش جي ڳاڙهي پيلي گهيري ۾ ڪاٺين جهوپڙي. سامهون تلسيءَ ۽ رتن جوت سان وڪوڙيل چبوترو. ساڄي پاسي مندر جو کنڊهر. ڏائي پاسي سينور سان ڍڪيل تلاءُ.

گرڊر جي کنڊهر زندگيءَ کي هاڻي ڊهائي سينور جو ٿهه پسند آهي. ٻه سال اڳ هو به شهري هو ۽ راڪ اينڊ رول، والٽز، فاڪس ٽراٽ، ٽئنگو يا رمبا سمبا جي چست ڌن تي پنهنجي محبوبا جي چيلهه جي چوڌاري ٻانهن ورائي هو به نچندو جهومندو هو. اها محبوبڙي ڪيس جان کان به پياري هئي .... غلط .... هو اُن محبوبڙيءَ کي جان کان به پيارو هو. هوءَ هڪ وڏي ماڻهوءَ جي ڌيءُ هئي. هو هڪ ننڍي ماڻهوءَ جو پٽ هو ۽ پر پيار ننڍي وڏي بابت نه سوچيندو آهي ڇو ته اهو دماغ جي نه پر دل جي پيدائش آهي ۽ اهو ضروري ناهي ته هڪ وڏي ماڻهوءَ وٽ وڏي دل ۽ ننڍي ماڻهوءَ وٽ ننڍي دل هجي.

اهو پيار اول معمولي واقفيت سان شروع ٿيو جئين اڪثر ڪاليجن ۾ ٿيندو آهي. واقفيت ڏيا جو روپ ورتو. ڪئنٽين ۾ هوءَ گرڊر جي چانهه ناشتي جا بل چڪائڻ لڳي. ڪاليج، هاسٽل ۽ ڪلبن ۾ هوءَ گرڊر جون فيون ڀرڻ لڳي ۽ آخر پنهنجي پسنديءَ موجب ئي گرڊر لاءِ ڪپڙا خريد ڪرڻ ۽ سبائڻ لڳي.

ڏيا ڇڏهن پرلم جهڙو رخ اختيار ڪيو ته هن ان
مهورتيءَ جي ياترن جي رخ ۾ به ڦيرو اچي ويو. هڪ
نازڪ جان ان ئي رخيءَ جو مقابلو ڪيو، گهر ڇڏڻ جي
ڌمڪي ڏني. ان ڌمڪين ايين وڏن ماڻهن جي وڏي
ڪٽنب ۾ هڪ تمام وڏو بغاوتو متو برپا ٿي ڌمڪين اها
نازڪ جان هميشه لاءِ سالت ٿي وئي.
نازڪ جان هميشه لاءِ سالت ٿي وئي. ڌلو. سندس
گرڌر به اهو برف جيڙو ٿڌو ۽ گولڪو جسم ڌلو. سندس
باغي روح رڙ ڪئي. ڌامر جي ڪاري سڙڪ تي شرڙاٽ
ڪندي، گاڙهي جيپ خاڪي وردي ۽ وارن جو اٿالو
ڪئي آئي. پوست مارٽم جي بيدرد چاقوءَ نه پنهنجي
فولادي زبان سان دانهن ڪئي. پر ان فولادي زبان کي نه
نازڪ جان والڪو لوٽن جي پيرن ۾ دفنايو ويو.
هڪ پيالڪ دهشت ڇانئجي وئي گرڌر جي دل
تي. صدين جي پراڻي ڪنڊهر جي سانت وڪوڙي
وئي سندس حواس کي. باغ کي باهه لڳندي آهي ته
بلبل ٻن ڏي ٿي پڇندي آهي.
.... پر ان ننڍڙي ڳوٺ جي ننڍڙي ڪٽيا ڇڏي
اچ گرڌر وري شهر ۾ آيو آهي. ڪٽلاش سندس جگري
دوست نه، جڳ جاڙو ياءُ آهي. ساڳيو قد، ساڳيو بت
ها، شڪل صورت ۾ البت فرق آهي. پر ڪٽلاش جي
ماءُ ڪيس هميشه پيت جائو سمجهيو آهي. ان ستيه مٽي
جو سڏ ٿيو: 'گرڌر! ڪٽلاش جي شادي آهي. لوڪ
اچڻو ٿي پوندو.' گرڌر اول ته ان ننڍڙي لوٽي ڪ

مروني سروني أڇلي ڇڏيو: 'ممتا ءَيِ! معاف ڪر. اچي نہ سگهندس.' .... پر پوءِ ڪاڇي نے جهولي لٽڪائيندو، چمپل سٽڪائيندو، بيل گاڏيءَ ۾ رسل رستي منزلون طئہ ڪندو، ڏس پتو پڇائيندو، هو نئين مڪان تائين اچي پهتو آهي.

مگر بنگلي مان اهڙي هيءَ آواز؟.... هڪ ڇتر اُڀري تو سندس اکين اڳيان- بنگلي جو سينگاريل ايئر ڪنڊيشنڊ هال. ريڊيو گرام تي راڪ ائنڊ رول جو رڪارڊ. ڪئين جوڙا لسي چلڪڻي فرش تي پير لرڪائي، ڪمر لچڪائي نچي رهيا آهن. نچي ٿا رهيا آهن جڻ بکايل بگهڙن وانگر جيپ هڻي، هڪ ٻئي کي چيچاڙي رهيا آهن .... اڌ ننگيون جوانيون، نوڪدار ٻڪيا ننڍن، ٽٽونءَ جي پڇ (Pony Tails) وانگر جهٽڪا ڏيندڙ وار .... گرڙر جي لوندڙين وٽ پگهر جڻ جمي ٿو وڃي. ماضيءَ جي ڪفن ۾ ويڙهيل برف جهڙو سرد گونگو لاش ڪيس پير ۾ لٽڪندو نظر ٿو اچي. .... گونگي .... گونگي .... سرد ....

خطري جي سائرن وانگر گرڙر جي نس نس ڪنبي ٿي. ساڄو هٿ ازخود ڪلهي وٽان لٽڪندڙ جهوليءَ ۾ هليو ٿو وڃيس. پگهر ڀل لريءَ ۾ ننڍڙي ڊائريءَ کي پڪڙي ٿو ڄڻ وڏو سهارو ٿو مليس. شوڪارو ڀري، جهوليءَ مان اُها ڊائري ڪڍي، اُن جا ورق ورائي ٿو. ڪجهه گيت لکيل آهن اُن ۾. ورهه جا گيت، درد ۽ پيڙا جا گيت، دنيا کي وسارڻ جا گيت، چنڊ تارن

ٿي ٺڙون جهالي ڪنهنڪي ساڙ ۽ هنجون هاڙ جا
گيت ـ سڀ ٺراري ـ ٺراري ـ ٺراري گيت!.... ۽ ورق
جي وچ رکل آهي زنالن وارن جي. ڇڪ! اُن ڇڪ کي
چمي، گرڊر گرڙهن سڀ ڊنڊاٿيل ٺڙون سان وري بنگلي
ڏي لهاري ٿو.

راڪ انڊ رول جي ڌن پوري ٿي چڪي آهي.
ڍولڪ جي ٿال تي زنالي آواز ۾ ڪا لوڪ ڌن ڳولجي
رهي آهي:

"راڻما! رنگ محل ۾ آءُ،
ڪاڪ ٺڻي آ ڪاڪ ...."

ماضيءَ جو پردو چيري اُن سان ڇهالي پاٺي جسڻ
ڪرڻي گرڊر کي سڏي رهيو آهي. اها لوڪ ڌن ڪنڊيءَ
وانگر گرڊر کي ڪلاش جي بنگلي ٺالين چڪي ٿسي
اچي. بنگلو ۾ عجيب آهي! بلڪل ماڊرن فرينچ ڊزائين
جو ٺل ۾ سامهون پورچ جڻ اجنتا اپلورا جو چوراسل
حصو... ۽ هيءُ باغيچو؟ ڏنگن ڦڏن ٻٽرن جي وچم
ڪومل ٺلن جا پوٺا ۽ رنگين ڪلاسڪ ڪولٽن ۾ قسمين
قسمين ڪئڪٽس. عجيب چوپاڻ ڇنبو ڪلاش! اڄوو
ڪجھ گهڙيون اڳ راڪ انڊ رول جي ڌن هال ۾ وڄي
رهي هئي ۽ هينئر لوڪ ڌن ٿي جڻ پيڙا ٿالسي رهي
آهي:

"ڪاڪ ٺڻي آ ڪاڪ...."
ها، ڪاڪ ... ڪاڪ ... ڪاڪ ...

"اوھ، ٿون اڃي ونيں گرڌر! خط ۾ لکيو تہ ....
پر ٿو ھيءُ ڪوڙو بيک بڻايو آهي؟" لڙڪ لڙي ٿا
اچن ممتا جي ڳلن ٽان.

"ڪاڪ بڻي آ ڪاڪ ...."

چڻ اهائي ست گونجي رهي آهي ڪنهن ڪنڌهر ۾.
ڪئلاش اچي ٿو. وائڙو وائڙو. گرڌر کي ڇڪي
ڇاتيءَ سان لائي ٿو. پر وات مان اکر بہ نٿو اُڪليس.
" اندر هل نہ ...." ممتا جو آواز. گرڌر ڇرڪي ٿو
وڃي. ڪئلاش سڀ سمجهي ٿو. هال ۾ نہ ....

پنيئن ڏاکڻ کان ڦيرائي گرڌر کي مٿي وٺي ٿو
وڃي. هڪ ڪمري ڏي وڏي ٿو. ماٺس ڀڃي ڪري
ٿي: "اُن ۾ نہ مندر آهي ...."

ڪئلاش منجهي بيهي ٿو تہ گرڌر چپ چاپ ٻئي
ڪمري ۾ گهڙي ٿو وڃي. ڀتين ٿي اڃا پلستر ڪونہ
لڳو آهي. ڏرن ڏرلن ۾ رڳو ڪاٺ جا چوڪٺ لڳل
آهن. اُگهاڙيون ڀتيون، خالي خالي ڪڙڪيون. هڪوار
وري گرڌر کي ياد ٿو اچي گوپيءَ جو ڇيريل ڦاڙيل
لاش .... اُگهاڙا انگ .... خالي خالي اکيون!

پاسي وارو ڪمرو ننگو ناهي پر اُن ۾ مندر آهي....
نہ پوءِ هيءُ ڪمرو ئي ننگو آهي. ڀتيون آهن، ڇت
آهي. ڀيو ڇا گهرجي؟

ڪئلاش شيونگ باڪس کڻي آيو آهي. گرڌر
ڪئلاش ڏي نهاري ٿو. ها، هيءُ شهر آهي. هتي

شهرن وانگر هلڪو ٿيندو.

ڪئلاش جي ماءُ پاڻيءَ جي بالٽي، صابڻ ۽ ٽوال
آڻي ٿي. نوڪر آهن، نوڪرياڻيون آهن ته به هوءَ
پنهنجن هٿن سان مٺي مٺي گرڌر جي سر تي ٿڌول
ديهاتي ڏڏڙ لاهيندي. گرڌر ڪلبل ڇت تي ڪمري
جي آڙ واريءَ چانور ۾ واٽهي وارن تي سرهو صابڻ
لڳائي ٿو. ڪئلاش جي ماءُ اوتي ٿي پاڻيءَ جي
سنهڙي ڌار سندس مٿي تي لوٽائي ٿي. اوهو، هيءَ
پاڻي نه بلڪل گرم آهي. لوهي ٽنڊڪ ۾ رکيل ۽ جون
جي اُس جو سڙيل پاڻي سيڪ کان ٻاهر آهي. ڪئلاش
جي ماءُ ٿڌو پاڻي آڻڻ لاءِ هيٺ وڃي ٿي. گرڌر مٿي
۽ منهن تي صابڻ گهمائيندو رهي ٿو. صابڻ ۾ بند ٿيل
سڳنڌ آزاد ٿي، گرڌر جي حواسن تي ڇانئجي رهي آهي.
هيءَ شهري سڳنڌ ڪيڏي نه مايا وني آهي! ڏاڪڻ تي
زنانن قدمن جي آهٽ... گرڌر جلدي جلدي پنهنجن
ڳڍن وارن ۽ مٿي منهن تي صابڻ جي ڳجيءَ سان
مهٽي ٿو.

"امي، ٿورو پاڻي...." – سنبل ول جي سنهڙي
ڌار وارن سان کسڪندي، لولڏين وڻان لڙڪندي،
ٿورو شيو ڪيل ٻلن لاٿن پهچي آئي. جڏ ڪا پي هرر
پالتو بلا ٿڌي پٺ سان گرڌر جي الڳ الڳ
تي سرڪي رهي آهي. هڪ عجيب، ٿڌي، سرهي
ڪتڪتائي....!

”ڏاڍو، مان به ڪپڙو نه وٺڻو آهيان، امي! اڄا
ٽالين توکي شاديءَ جي مبارڪ به ڪانه ڏني اٿم.“
امي ڪو جواب نه ڏني پر لوٽي مان ڪرندڙ پاڻيءَ
جي رفتار تيز ٿي تي. گرڌر زور زور سان وارن ڳلن
۽ ڪاڌن کي صابڻ جي ڪجيءَ سان مهٽي ٿو.
”امي! ڪلاس جي ڪنوار نه ڪافي پڙهيل ڳڙهيل
هوندي.“
لوٽي مان ڪرندڙ پاڻيءَ جي رفتار هڪدم تيز ٿي
تي. صابڻ جي سرهي جهاڳ هيٺ گرڌر جي ڇاتيءَ تي
جالٽجي وڃي آهي.
”گهٽ ۾ گهٽ ايم-اي نه پاس ڪيل هوندي؟“
پاڻيءَ جي ڌار وري تيز ٿي تي.
”تون چپ ڇو آهين، امي؟“ پنيءَ کي مهٽيندي
مهٽيندي اوچتو گرڌر جو هٿ اميءَ جي ڪرائيءَ ٽائين
پهچي ٿو.... نه ... نه .... هيءَ امڙ جي ڪرائي ناهي. هن
۾ سوليون چوڙيون ڪرائين. هيءَ ٻي ڪا ڪرائي
آهي، بلڪل ٻي!... گهبرائجي، گرڌر اکيون کولي ٿو.
صابڻ جي جهاڳ سندس اکين ۾ گهڙي تي وڃي. اکيون
ازخود بند ٿي وڃن ٿيون ۽ هو ڪجهه به ڏسي نٿو
سگهي.
پاڻي هاڻ تيزيءَ سان گرڌر جي سر تي وسي
رهيو آهي. مشين وانگر گرڌر جا هٿ به ٽڪڙا ٽڪڙا
هلي رهيا آهن.

”بس .... بس .... نوال .... “
نوال وٽي گرڊر مٿو اڪيو ٿو، مٿس اکيون ٿو، ھاٿي
ھوُ ڇڪيءَ طرح اکيون کولي ڏسي سگھي ٿو پر ڏسڻ
نٿو چاھي. ان ڪراليءَ جي ڇپاءَ سان ٿي ھن جو سڀ
ڪجھ ڏسي ورتو آھي. نوال سان ملڻ مھينڊو ھوُ ھليو
ٿو وڃي اندر ڪمري ڏ....!

بنگلي جي ھال ۾ ھاڪي ليري روشني ڦهليل آھي.
اسٽينش گٽار ۽ بونگو جي فاسٽ ڌن تي ۾ چار جوڙا
نچي رھيا آھن. ڪلاش جي ماءُ گرڊر کي ڪپاڻي وٺي
آئي آھي ان ھال ۾.
”ياڻي، اھي بالڊون وارا ليٽ ٿيا ھاڻ بند ڪريو،“
ڪلاش جي ماءُ حجت مان چوڻي ٿي.
”اوڪي، اوڪي .... پليز اسٽاپ!“ ڪلاش
جو دوست جالي بئنڊ ماسٽر والگو ھوا ۾ ھٿ اڏي
حڪم ٿو ڏئي. جالي واقعي جالي آھي. نوجوان ٽوليءَ
جو اڳوان. ھال جي ڪنڊ ۾ ريڊيو گرام وٽ ڇيلھ کي
وڪڙ ڏيو بيٺو آھي. ساڄي ھٿ ريڊيو گرام جي ڪلبل
ٻيڪ تي ٽڪايو بيٺو آھي ۽ ڏاٻي ھٿ ڇوڪريءَ جي
سنھڙيءَ ڇيلھ جي چوڌاري - سونهري وارن ۽ شيرين
اکين واري ڇوڪري جاليءَ جي سوپٽ گرل آھي.
”آل رائيٽ! اوڀالڪي ڇا پسند آھي؟“ جالي
اٿين ٿو پڇي جڏهن ڪو ھوٽل جو نئون گراھڪ ڪان

آرڊر وٺندو هجي.

"ٻالي، مونکي اوڏانهن ڇڏ ۽ ولايتي نيون نيون لٽيون وٺي."

"نه ٻوءِ ديسي نيون نيون شروع ڪجي. ٻالڪڙا، لاوڻي يا سنڌي لاڏو؟"

لاڏو؟ ها، لاڏي لاءِ هوءَ سالن کان سڪندي رهي آهي. خاص ڪري شاديءَ جي موقعي لئي ته لاڏو ضروري آهي. پر ڪير ڳائيندو لاڏو؟.... گرڌر؟ ها، گرڌر اڳي ڪيئن نه لاڏا ڳائيندو هو، جيئن هٿندو هو!

ليڪن لاڏي جي فرمائش ٻڌي، انهرڪنڊيشنڊ هال ۾ به گرڌر جي پيشانيءَ تي پگهر مٿي تو اچي- "نه امي، مون کان سڀ ڪجهه وسري ويو آهي.... نه.... نه.... مونکي ڪالهه .... گلو بلڪل خراب آهي ... نه.... نه.... اصل ڳائي نه سگهندس."

"آرڊر آرڊر،" جالي رڙ ڪري ٿي، "نو رڪ مرول جينٽلمين!" پر اليٽي گرڌر جي وجهه اچي اڪ بيٺي، آواز ۾ لمرتا ۽ نزاڪت ڀري چوي ٿي، "پليز گرڌر، اسٽارٽ.... آها ها، ڦن سنڌي لاڏا!"

۽ نازڪ هٿ ٺولڪ تي ٺڪي هڻن ٿا. گلو صاف ڪري گرڌر ڳائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو:

"رات گهڪيرو ڪنهن ڪڙڪايو؟
ڪنهن ڪڙڪايو منهنجي لاڏي گهر آيو."

گهرگهلي گلي مان 'گهنگهري' جو آواز البت بي سرو

ٿو نڪري. گهبرايل گرڏر کي پنهنجو آواز ۽ بيحد 'برالو' ٿو لڳي. خالي لڪ ۾ گهمي وڃي، اُباسي ڏئي ٿو؛ جُولي‌ءَ جي جيله ۾ ڇهنڊڙي پائي پٽ پٽ ٿو ڪري -
"اي - او - آر - اي ... بــرر ...."
اِها 'نوويٽ' سڄي هال ۾ چالُنجي رهي آهي. گرڏر کي لڳي ٿو تہ سندس آواز خطري جي سائرن وانگر ڏڪي گُهنجي رهيو آهي.
تڏهن اچانڪ هال جي هڪ ڪنڊ مان هڪ سريلو آواز اچي ٿو گرڏر جي آواز سان ملي. چڻ ڪنهن بيمار کي نازڪ ٻانهن جو سهارو ملي ويو:
"اسانجي لاڏيءَ بنسر شُهدي
هــوڙيءَ جــرڙ ٻـڏـايــر،
مهنجــي لاڏي ڪهر آيــو!"
ساڳيو ٻهريءَ وارو دلڪش آواز! چاليءَ جون اُباسون بند ٿي ٿيون وڃن. گهبرايل گرڏر جو گهرگهاو گلو صاف ٿي، سچ پچ گهنگهري وانگر وڄڻ لڳي ٿو. ٻولڪ جي ٿاپ‌ٿرڪيءَ وانگر چالُون ٿي ماري. گرڏر جو آواز شڪاري باز وانگر ٿو اڏامي:
"اسانجي لاڏيءَ هار هميشہ،
موليــن ســاڻ مڙهايــو،
مهنجي لاڏي ڪهر آيــو!"
شرنائيءَ جيان سريلي تانُ، شنک جيان اوچو آلاپ سڄي هال ۾ مستي چالُنجي ٿي وڃي. ڪنلاش جي

واء ٿاڙيءَ سان ٿال ڏئي ڇڄمر پائي ٿي. ڇالي ڇولي
کي هٿ کان پڪڙي نچي ٿو. پرولڪ جو ٿال، ٿاڙين
جو ڦڙڪو، لاڏي جو لهرو ....

اچانڪ گهري سانت ڇانئجي ٿي وڃي. هال ۾
صرف ائرڪنڊيشن پلانٽ جي ڇڇٽي 'سانءِ سانءِ'
ايري ٿي اچي. سانت ۾ گرڌر جو دم گهٽجي رهيو
آهي. هال مان نڪري ڪساٽيءَ ڏاڪڻ چڙهي، هو
ڪمري ۾ اچي ڦان ٿي پئجي ٿو رهي ....

'آه، گوپي! تون ڪٿي آهين؟'

رات جي پوئين پهر جي سيتل سانت ۾ پيڙا ڳائي
رهي آهي:

"اسان جل سينچ سينچ پريم بيل بوئي .."

ان آواز کي ڇڻ آڱريون آهن جيڪي ڌيري ڌيري
گرڌر جي وارن ۽ پيشانيءَ تي گهمي رهيون آهن. هو
آلس پريون اکيون ڇنهي ٿو. آواز جون آڱريون هاڻي
سندس انگ انگ کي ڇهي رهيون آهن. سندس
ڪنڌيءَ چوٽ کي سهلائي رهيون آهن. گرڌر اُٿي، خالي
دريءَ وٽ اچي بيهي ٿو. اوير ۾ هيءَ وهائو ڪنهنجي
وات نڪي رهيو آهي؟ پنهنجي ڪمري مان نڪري
گرڌر پاسي واري ڪمري جي کليل کڙڪيءَ وٽ اچي
بيٺو آهي. اندر سچ پچ مندر آهي. ڪرشن جي
سانوري مورتيءَ اڳيان واس دکي رهيو آهي ۽ پيڙا
اکيون ٻوٽي ڳائي رهي آهي. آنسن جو جل اڳاتار پريم

ول کي پاڻي ڏئي رهبر آهي. گرڊر کي پٽر جي
لسيءَ لاءِ شرڏا ڪاهي پر هيءَ جيڙي جاڳندي
ا ...؟ اها پٽڙا ڪاهه ڪان البڪ روپ ڏاري سندس
ٽر ڪري رهي آهي. ڪڏهن ڪيس ۽ لڪ محل ۾
ڏي ٿي، ڪڏهن پڇريءَ جي الٽ ۾ سندس لٽل
مم لي ٽلو پاڻي اولي ٿي، ڪڏهن سندس پڏلنڊڙ
آواز کي پنهنجي نازڪ ناهن جو سنهارو ڏئي ٽاري ٿي.
گرڊر ان پيڙا جا ٻيا ٻه روپ ڏلا آهن. مهمان جي
وچم اها پٽڙا چمن لي مرڪ ۽ اکين ۾ آمنگ پري گهمي
رهي آهي. ڪنهنڪي چالهه جو ڪوپ آٽلي ٿي ڏئي ٿي،
ڪنهن لاءِ پاڻيءَ جو گلاس پري ٿي اچي ۽ ڪنهنجي
روئندڙ ٻار کي ٻالهن ۾ ٻجائي سالت ٿي ڪرائي.
ڪڏهن هوءَ رسوئي گهر ۾ نوڪرن کي مدد ٿي ڪري
۽ ڪڏهن شاديءَ جي سامان سوڙن لاءِ گهر ٻل سامگري
ڪلي ٿي ڪري. مهمان جي مڙاڪي ۾ هوءَ ڪلي ٿي
ڳالي ٿي، لڳي ٿي ٻر منڊر ۾ اڪيلي هوءَ ڳالي ٿي؛
رولي ٿي. ۽ الڳ روپ — ڪڏهن لامت والڪر روشن
؛ چنچل ڪڏهن دولهي والڪر گهتيل گهوُمائيل!
سياڻي ست ناوالٽ آهي. ڪئلاش جي شاديءَ جو
ڏيهن. اح چوڏس آهي. گرل چنبه جهڙ جي جهاڳ ۾
ٽڙگي رهيو آهي. چمه جي ليڪي لي لٽي هٽ رکي
گرڊر ڪڏهن چنبه ڏي بهاري تو لـ ڪڏهن هيٺ
باغيچي ڏي. گلن جا نرم نازڪ چهرا، ڪنڪس جو

ڪريون ٻالڪون.
"اڇو، روئي ڪانَر،" پيڙا جو مرڪ ڀريل آواز.
گرڌر جي عجب ڀريل نگاهه!
"ڇا سوچي رهيا آهيو؟"
"سوچيان ٿو ته انسان سڄو جيون کان مرڪندو آيو
پر ڪن ڇهڙي مرڪ نه پائي سگهيو."
"۽ انسان سڄو جيون کان روئندو آيو پر شبنم جهڙا
نازڪ لڙڪ نه پائي سگهيو."
"توهانجو نالو؟"
"ميران ...."
"ميران؟ .... ۽ منهنجو نالو ...."
"مرلڪي خبر آهي."
"توکي ڪنهن ٻڌايو؟"
"لاڏي وقت ٻڌم پر اُن کان به اڳ اميءَ ٻڌايو هو."
"ٻيو ڇا ڇا ٻڌايو اٿس توکي؟"
"سڀ ڪجهه."
"يعني؟"
"يعني شهر کان نفرت .... ڳوٺ جي شرط .... ٻارن
۽ پاڻشاهه ... بيمارن لاءِ مفت اسپتال ... مرده انسان
جي زنده ياد .... گهايل سپنا .... ڪائنات جو سهارو ....
ڪوتان جي ماجار .... ۽ .... ۽ ٻيو سڀ ڪجهه ....".
"اوهه، اميءَ توکي اهو سڀ ڪجهه ڇو ٻڌايو؟"
"اِن لاءِ ته تاڪڻي من کي مخملي هٿن سان سنڀاليو

وجي." „گوبند جي پيٽرلي زمين ۾ رهندي شمشو هاڻي
چنان ٻڌي چڪر آهي."
„پر آئي لي يهوطلاء چنان کي ۽ ڏرليءَ جو سيارو
گهرجي."
„اميءَ ڪي اجاڙ وهم آهي. مان گوبند ۾ اڪيلو
ڪٿي گذر ڪري رهيو آهيان؟"
„مجبوري - لاچاري - فراريت — "Sheer Escapism
„ميران ...!"
„دک کان دُور ڀڄڻ سان دک دور نه ٿيندو آهي.
گهڻي اڪيلائي سٺي ناهي."
„ميران! هن دنيا ۾ هرڪو فراري آهي؛ ڪنهن
نه ڪنهن ڪميءَ کان گهٻرائجي شتر مرغ وانگر واريءَ
۾ منهن وجهيو ويٺو آهي."
ميران کلي لي.
„ڪل ۽ ميران! هيتر جيترو کلندينءَ، سڀاڻي پرهه ڦٽيءَ
جو پٿر جي مورتيءَ اڳيان ڳالهي ڳالهي اولوڻي روئندينءَ."
ميران جي مرڪ اجهامي لي وئي. پوهان پير ڪري
مونٽ لي چاهي ۽ گرڊ ڪيس هٿ کان جهلي لو ولي.
„ترس ميران! منهنجي سوال جو جواب ڏي. مسون
لوڪي ڪلندو، ڳائيندو، نچندو ڏٺو آهي نه روئندو
سڏڪا ڀريندو ۽ ڏٺو آهي. ڪيڏي اڀاڙ کان ڀڄي لا
تو سنگيت جو سهارو ورتو آهي؟ ڪهڙيءَ ڪميءَ کي

لڪايل لاءِ اوهان جا ٻچا ٻيهر ڪڙا آهن؟"
"منهنجو گهڻو پيارو. هولڪي ڏاڍو ٿي ٿئي."
گرڌر ڳالهه ٻاهر آڻي ٻيو ڪجهه ڪونه سگهيو. ميران هٿ
جهلي ڳالهه تي وئي.....!

شاديءَ جا سانده ٿي رهيا آهن. ميران مکڙيءَ والگر
مرڪي رهي آهي. ڦلوڙيءَ والگر ٽڙي رهي آهي.
"اچو اچو، هٿ وجهاو!" ڪلاش جي ماءُ زالن
کي سڏي ٿي. ميران به اٿي وڃي ٿي.
"تون هٿ نه وجهه.... سڀ سهائيون اچن...."
ميران جي چهري جو رنگ اڏامي ٿو وڃي. ڪنهن
به وهل گرڌر ڪلي ٿو.
"ميراج ايا ڪرڻ آيو هئا؟"
"ميراج جي ڪهڙي ضرورت آهي؟" جاني
ٽيڪ اوڏي ٿي، "برڪ ڏنت هوکي بابا."
چوڻ گرڌر کي ڪي لاءِ ٻر درد ميران کي ٿو ٿئي.
لڙڪي چوي ٿي، "باهر هل جاني! زالن جي ڪم ۾
تون نڪر نه اڙاءِ."
"غلط، بلڪل غلط،" گرڌر اٿي وڃي چوي ٿو،
"جاني، ٻولڪ اوهان جولي. ماءُ توهان اٿي لاءِ بالڪل ضرور
ڪينديس."
"نڪ ٿو هوکي بابا!" جاني پٽ جو جواب پٽ
سان ٿو ڏئي، "اسانکي پنهنجي نه پر منجهارت

ميران گرڏر "... الو وجي." صرورت پولدي."
چڙهندي ڏاڪڻ ٽيڪرو ڇجي ڪمري ۾ سجي
انڪار. لـ مياڙو سان لوڙ ان جهلي ٻاهر ڪڍلي ٿي وجي.
کي جالورن عجب ڪيڙن "لوهين ان ... بالهن کان
وري ٿي، ڪٿاش ۽ الائي
ههه.... "آهيان."
لوهن .... ۽ لوهن مان ۽ جالور ۽ لو ولي!" پاليندو
"هڪ عجيب جالور ۽ ... ڪرڻ ڇير. لوهن ۽ ....
"مون لوهان لاء ڪرڻ ... پوڄا ڪڍهن
لـ ...." پوء ڏاڙا جي ... ۽؟ الين ۽ ... آهيو.
"ڏيرا ..." ليندي؟" ... ۽ وڃاري..."
شروع لگيس لو لـ ... هوء. سگهي ٿي ... "لوهالجي پوڄارڻ ۽
ونڊڪ ڪجهه ڇني ... رهي آهي. ڪمري ۾ بيچيندي
گرڏر جي بالهن ڏکي رهي ... پکيرجي لو وجي.
بيچيندي گرڏر جو سڄو سريرو پکيرجي ... لو وجي؟"
"هيء لوهالکي جا لو ٿئي؟" گرڏر جو رڳو
"ڪجهه ۽ ۽ .... ڪجهه ۽ ۽ ..." "لون وج
جسم ۽ بلڪ آواز ۽ ... پکيرجي ۽ ... آهي،
ميران! مولکي .... مولکي ...."
"مان لوهالکي اڪيلو ۽ ڇڏيندس." ... سان سندس
گرڏر کي ليتالي هوء سازهيء جي ... لگيس
پکيرر اگهندي ٿي رهي ۽ جڏهن آئي ٿي ... لکڙو
۽ پکيرر گرڏر کي ۽، ۽ سندس سازهيء کي

”ميران .... “

”مان هتان هلي وڃان- اهوني ڇوٽو اٿو نہ؟“

”نہ نہ، تون نہ وڃ ميران! مان سچ پچ پاڻکي بيحد اڪيلو ٿو سمجهان.“

”ڇوٿ ۾ پاڻ کي اڪيلو نہ سمجهندا آهيو؟“

”بلڪل نہ .... بلڪل نہ ....“

ميران کلي چوي ٿي، ”اهائي تہ شهري زندگيءَ جي خوبي آهي! هت رستا ۽ جايون ڪشاديون آهن پر ماڻهن جون دليون تنگ آهن. بازاريون چمڪنديون آهن مگر خريدار اجهامندا آهن. قدم قدم تي ماڻهن جا هجوم نظر ايندا آهن تہ بہ هر شخص پاڻکي بيحد اڪيلو محسوس ڪندو آهي.“

”ميران، تو اهو سڀ ڪٿي پڙهيو آهي؟“

”انسانن جي پيشانين تي.“

”منهنجي پيشانيءَ تي تو ڇا پڙهيو آهي؟“

”هڪ کنڊهر جو اتهاس.“

”مان کنڊهر آهيان؟“

”پيو ڇا چوان؟ ڪنهن مرده کي پنهنجي من ۾ پوري اوهان هڪ خاموش اونداهي قبر بڻائي آهي. قبر مٿان اوهان ماضيءَ جي سونهري سانُ جو عاليشان مقبرو اڏيو آهي ۽ هاڻي اوهانجو پيار مجاور بڻجي اُن جي رکوالي ڪري رهيو آهي.“

”بس بس .. ميران، زندگيءَ کي اونده ۽ اڪانت

...ي رهڻ ڏي. ڊوڙي ڊوڙي ڇپاي لڪجي پيٺي
...هي."
"لڪ ڊوڙڻ جو نه پر پنهنجن ڪلهن لـي ڪڏهن
...لاش ڊوڙڻ جو آهي."
"ڇا تون نه ڪر لاش ٻولي رهي آهين؟"
"لاش نه پر ابابي جو تار."
"جواليءَ ۾ ني؟"
"هر ٻهار پنهنجي گرد ۾ سرءُ کي پاليندي آهي."
"لڳي ٿو نه شاعر مان نه، پر تون آهين!"
ميران کلي ٿي— "پلا هاڻي اجازت....؟"
"ٿوري دير ترس ميران! مونکي ڪجھ وقت لاءِ
تنهنجي صحبت جي سخت ضرورت آهي."
"مونکي اڄ کي به سنڀالڻو آهي."
"بيو ڪير؟"
"منهنجي الڙي ماءُ."
"تنهنجي ماءُ؟ پر مون نه ڏٺي ڪانهي."
"هت اچي، توهان ڏٺو ٿي چاهي؟"
ٽهڪ ڏئي ميران لڪڙي هيٺ هلي لـي
وڃي ....!
ڪئلاش لاءِ سيڪاربل موٽر ڪار اڳيان بيٺل وڃي...
رهي آهي، بيٺل اڳيان آلشباري جلي رهي آهي...
ڪرڏر اڳيان بيٺي آهي ميران، هت ۾ ڪئلاش جو...

فل سؤمت چيلي .

"تون آخر ڇا تي چاهين ميران؟"

"اهي ڪجڙا لاهي، هيءَ فل سؤمت پاهو."

"پر منهنجي هنن ڪپڙن ۾ ڪهڙي ڪمي آهي؟ ڪنهن کي اعتراض آهي؟ امڙيءَ کي، ڪئلاش کي، لوڪي ....؟"

"اعتراض نه ڪنهن کي ڪونهي پر اڄاهو جانيءَ ۽ سندس سائين کي ننولي ڪرڻ جو موقعو ملندو."

"اڻلو اهو فل سؤمت پائڻ سان جانيءَ کي موقعو ملندو ننولي ڪرڻ جو. تو پنهنجو رنگ روپ ڏٺو آهي؟"

"جو توهانکي منهنجي سُرمئي ساڙهي ۽ سينگار برو ٿو لڳي؟"

"برو نه ڪونه ٿو لڳي پر ان پوشاڪ ۾ تون .... تون جڻ ...." ۽ گرڌر آسمان ۾ ڦاٽندڙ آتشبازيءَ ڏي نهاري ٿو.

ميران ٿهڪ ڏئي چوي ٿي، "جانيءَ ته ائين ئي چيو هو - ميران! تون ته اڄ چڪڻائيءَ وانگر چمڪي رهي آهين .... ۽ ها، پيو ته ڪجهه چيائين."

"ڇا ....؟"

"پڇيائين: ويٽر از يوئر پارٽنر ميران؟"

گرڌر جي پيرن هيٺان ڄڻ آتشبازي ٿي ڦاٽي. وات ڦاڙي هوُ ميران ڏي نهاري ٿو ته هوءَ کلي چوي ٿي:

منهنجو منهن ڇو تا لکيو؟ جاڻ ڪپڙا بدلايو. جيڪ
ڻ واري آهي. ڇا اِهين ڪلاش سان گڏ سندس
ڪار ۾ نه وهندا؟"
هڪ ڇٻران ٻار وانگر گرڌر ڪپڙا بدلائي ٿو ته
ميران ٽاڙي وڄائي چوڻ لڳي: "او ونڊرفل! وات اي
پرسنلٽي!!"
"ڇو ڪين؟" گرڌر ٿڪ ڪري ٿو، "اجوڪي
انسان جي شخصيت گهر، اسڪول يا ڪاليج ۾ نه پر
درزيءَ جي دڪان تي ٺهندي آهي."
ميران ڦڙتيءَ سان سندس ڪالر جي چوڌاري ليڪا
وائي ان کي ڳنڍ ٻڌي ڏني.
"لاٽ اجا لوز آهي،" گرڌر جڻ سپني ۾ ڳالهائي
رهيو آهي.
"ڳنڍ ٺلي ٿي رهڻ ڏيو. اوهان اڳيئي ٻاڻ ڪري
ڇڏيو آهي."
مرو رسم کان زياده گهڻي چڙهيو آهي. ماڻ ۽ ميران سان گڏ
ڪار ۾ ڪلاش، ڪلاش جي شاديءَ ۾ شامل ٿي هن
وهندي گرڌر کي لڳي ٿو ته شاديءَ ۾ مذهب ۾ ولڊي
ٻاري پل ڪٽي آهي ۽ شاديءَ جي مرڪ ڏسي هو سـ
جي وقت حاليءَ جي معلم ٻري ڪنوار ڏي نهار
سڀي لڳو وڃي. ڪلاش ۽ سندس ڪلاس آهي!"
ميران چوڻ لڳي: "جوڙي فرسٽ ڪلاس ڏي نهاري ڪ
"اصل اي- ون،" جالي ميران ڏي نهاري
ڪي اک ڀڃي ٿو.

”شاديءَ جو جهُولو ڪافي وڏو آهي، جاني!“
مومل ۽ ميران ٻه ٻير ڇوڙي ٿي، ”تنهنجي ۽ جوليءَ جي جوڙي ٻه اُن ۽ وانهي سگهي ٿي.“
”برابر .... رڳو ٻه ڇو ٻورين ٿي جوڙين ويهي سگهن ٿيون ان جهولي ۾.“
ساڙهيءَ جو سرمئيءَ رنگ جڻ ميران جي منهن تي اولجي ٿيو ويجي. گرڌر لڪڙو منڊپ کان ٻاهر هليو ٿو وڃي. منڊپ جي اکيومن ڪنڌ ٻجلي ٻتين ڏي نهاريندي کيس لڳي ٿو ته ڪنهن جون ٻه چمڪندڙ اکيون ٿيزيءَ سان ڊوڙي رهيون آهن .... ٻه اکيون ... ٻه چمڪندڙ اکيون ... ٻه ڊوڙندڙ اکيون.... گوپي .... گوپي .... گوپي ....!

شاديءَ بعد ....
بنگلي جي هال ۾ بيحد شور آهي ۽ اُن کان زياده شور آهي آسمان ۾! ريڊيوگرام تي وڄندڙ جاز جو ڪولاهل .... مهمانن جو گوڙ ۽ جانيءَ جا اُگهاڙا چرچا .... دوستن ۽ ساٿين جا ننگا ٺهڪ .... بوتلن ۽ گلاسن جي ڪڙ ڪڙاهٽ ....
بادلن جي ڳنڙي ڪلهن تي رکي رات ٿڙندڙ قدمن سان گذري رهي آهي. آسمان جو شور وڌندو ٿو وڃي. هال جو شور گهٽبو ٿو وڃي. ميران ڪيلاش ۽ سندس ڪنوار کي هال مان وٺي سهاڳ رات واري ڪمري ڏي وڃي ٿي. سيجا هن پنهنجن هٿن سان سينگاري آهي.

ن جرڙي. کي سيجا لي وهاري ڪمري جر دريڪڙي

ر آسمان جا ڏهه ني دروازا ڪاي تا پرون. اول

ي

نڌي، پوءِ طوفان ۽ آخر ليز برسات ....

پر دروازا ر گرڏر جي ڪمري جا ر .... اوچتو خيال

ئو اچي ميران ڪي!

گرڏر جي ڪمري جر پاٽي ڏوڪي آهو آهي.

سندس ڪپڙا پسي پسا آهن، سندس جسم آلر ٿي

وڙ آهي پر ان جر ڪبس اولر ڪولهي. ڪيس اولو آهي

صرف جهولي ۽ جهر، جهولي ۽ ۾ پيل دائري ۽ جهر ؟

دائري ۾ رکيل وارن جي جڳهه جر.

، چا ڪري؟ ڪڏاهن وجي؟ هي ۽ برسات ر شايد

بند ٿي ڪان ٿيندي. ڪاش! پاسي واري ڪمري

جر در... ، ٿڌهن ميران مٿي اچي، ڪلف لاهي ان ڪمري

جر در ڪولي ٿي. پنهنجي چالي ۽ ۾ جهولي لڪائي

گرڏر ڊوڙي اچي ٿو. " هو ڦڪو ڪلي ٿو.

" ڏاڍي لنز برسات آهي،"

" اڄا ر ليز هتڙ گهرجي برسات."

" جر....؟ "

" پاٽي ۽ جي چرهه ۾ سمورو ڪهرو لڙهي ويند

سب ڪجهه ڌوپي صاف ٿي پوندو . اڙي، پيا

آهيو؟ وهو ر!"

گرڏر چپ چاپ ڪمري جي فرش لي ويهي ٿو ر

"ڇاليءَ ۾ ڇا لکايو اٿو؟"
"جهولي آهي. جهوليءَ ۾ ڪپڙا آهن ...."
"۽ ڪپڙن جي وچ ۾ گيتن جي ڊائري آهي ۽ اُهي گيت ڪنهن جي وارن جي ڇڳن ۾ الجهيل آهن .... ۽ اُها ڇڳ ڏوهاڻکي بيحد پياري آهي .... ۽ ...."
"ڏوکي ڪنهن ڏنائيو؟"
"پنهنجين اکين سان ڏٺو اٿم."
"ميران ...."
ايڏو وڏو ٺهڪ تي ڏئي ميران جي سندس دل جا ۾ ڏهه ئي دروازا کلي چڪا آهن. جهولي گردر جي هٿ مان ولي، اُن مان ڊائري ڪڍي ڇوي تي۔
".... ۽ جي مان اِها ڇڳ برسات جي پاڻيءَ ۾ وهائي ڇڏيان ته؟"
گردر جو مضبوط هٿ ميران جي هٿ ۾ کُپي ٿو وڃي. ٻه هٿ – وچ ۾ ڊائري ..
"نه نه .... اِئين هرگز نه ٿيندو."
"اِئين تي چڪو آهي."
"ڇا مطلب؟"
"ڏوهانکي کو ثبوت آهي ته هن ڊائريءَ ۾ اِجا ساڳي وارن جي ڇڳ رکيل آهي.... يا اُها ڪنهن بدلائي ڇڏي آهي؟"
بجليءَ جو تيز چمڪو.... ۽ پوءِ آسمان ڏاريندڙ گجگوڙ!
ڊائري ٻنهي هٿن مان ڪري ٿي پوي.

”لو هيءَ ڇا ڪير .... ميران ؟“
”مبر ڪوني، ان مان مردو ڪڍي ٻاهر اچاڻي ڇڏهه.“
ڪليل دروازي مان ٻرسات جو وسڪارو اندر
ڪي ٿو اچي.
”در بند ڪر، ميران!“
”ڪا ضرورت ڪانهي.“
”سڀ ڪجهه پسي پوندو.“
”پسڻ ڏيو!“
هڪ وسڪارو ... ٻيو وسڪارو.... نئون وسڪارو....
۽ ان بعد ٻرسالي پاڻيءَ جو چوڙهه ٻراو ريلو ....
ميران گردر کي پاڻ ڏي ڇڪي ٿي ولي.
بجليءَ جا ايڪ ڌهلڪا .. بادلن جون ايڪ
گجگوڙون ... ٻرسات جا ايڪ وسڪارا ... ۽ ٻوءِ سالن....

”بس ....؟ مان وڃان ... ؟“
”مان .... مان .... وري اڪيلو ٿي پوندس.“
”هيٺ ٻيو به ڪر جيءُ اڪيلو آهي.“
”اوه ... لٺهجي ماءُ .. ؟ شايد جاڳي هجي؟“
”هوءَ هميشه جاڳندي آهي. سڀ ڪجهه ڏسندي آهي.“
”سڀ ڪجهه ڏسندي آهي؟ يعني... يعني ....“
”هوءَ انڌي آهي.“
”انڌي ؟؟؟“

”ڏٺو هوءَ ڇو .... اسين ٻه .... دنيا جو هر شخص ....“
.... خاموشي ....
”مان هيٺ وڃان ؟“
”مان .... مان ٻه ....“
ميران ڪلي ٿي. ڪلڻ سان ڪڏ ساڙهي لهوڙي تي جڻ رکيو هوءَ ته ٻه سنڌس آلي سرمئي ساڙهي ۾ ڪلي رهي آهي. گرڊر پنهنجو گيڙو ڪڙلو لهوڙي ٿو. ٻاهر ڇت تي ٽنگيل لوڙيءَ تي ۽ ڪپڙا لٽڪي ڦڙڪڻ شروع ڪن ٿا.

اوچتو ڏاڪڻ مان ۽ آلا ٿڌا سرڪ ڳڙوڪڙ لهي رهيا آهن. ڏاڪڻ پوري ٿيڻ تي ورانڊي ۾ پهرين ئي ڪمرو آهي ميران جو. اندر ميران جي ٻڍڙي ماءُ آهي. اندي - اهڙوڪي آسمان وانگر، گدڙيل ڪجهه گيڙين وانگر بلڪل اندي ...!
پولين ڏاڪي تي پهچي چارئي قدم رکجي تا وڃن.
بس .... اچتي ته ....
ڪمري مان ڪنجهندڙ آواز ٿو اچي. ”مي.... را.... ن ....“
جهيڻي ٻڍڙي چيخ .... اندي چيخ ....
گرڊر جا هٿ ڍرا ٿي تا وڃن. جڻ وڄ جي چمڪي سان ڪڪر چيرجي ۽ اڌ تي ٿو پوي.
”ميران ....“ وري اهائي سهڙي اندي چيخ ....
”مان هلان ..؟“
گرڊر ڪو جواب نٿو ڏئي سگهي.
”ميران ...!“ ساڳي اندي چيخ ٻه وڌيڪ زور سان.

ڊيبل "لڳ ۽ وڏاڪ ... گهٽو ليو ...

" بس ... بس ... بس ... ٽالي پٽ پٽ ... چيرين الذي جيع.

" ميران!! " سالڪ کي چيرين ... ۽ هاڻ مدد ڏي ... ڪنهن موني رهيو آهي مٽي جو پراڻو ڳولجي رهيو آن ۽ بار بار هڪ الذي جيع جو ... "

آهي: " ميران ... ميران ... ميران ... ميران ... " لوڻ هو ڏاڪا لـ

جمع لسي بهچينئي ڪيس لڳي لوڻ آسالتيون اڪيون آهي. ۽ آهي آسالتيون اڪيون پر ڪنجن صدين اوراڪهي آيو آهي. ۽ آسمان ٽان ڏهن ڪر آسمان ڏي ليارن لوڻ. پرساسا آسمان ٽان دهڙا ڪکر ۽ ڏولي چلا آهن. سب ڪجهه ڏوبجي ويو آهي سب ڪجهه! پولر جو چنڊ صاف جي آلي ۽ سفيد چڪي ۽ والگر چمڪي رهيو آهي. گرڊ ر اولهو ساهه کڻي جتن لسي لوڻ لوڙي ۽ ننگل چوطرف لهاري لوڻن ڏسي اڏامي، جي جي ميران جي ترمٽي سازهي هوا سبب آهي ۽ سندس گيڙو ڪڙالو هڪ ڪنهن وهي پيئي آهي ۽ سندس گيڙو ڪڙالو گرل مرل ڳڻڦري آن ڍلهيل سازهي ۽ هيان جو ياڻ لڪالي رهيو آهي

(اپريل ۱۹۶۷ع)



ڪونج جا ڇپايل ۽ موجود ڪهاڻين جا مجموعا

۱- بي آڪ جلن تا پروانا	ليکڪ: سگن آهوجا	۲-۰
۲- اپراجتا	" گدو ساماڻي	۲-۰
۳- راڻيون	" آنند گولاڻي	۲-۰
۴- ٽونگو	" شيام جيسنگهاڻي	۲-۰
۵- ڪاٺ جي سانچي ۾	" ڪي-ايس-ٻالاڻي	۲-۰
٦- پراڻي عورت	" موهن ديپ	۲-۰
۷- ست سنڌي ڪهاڻيون	" ڇهه ليکڪ	۲-۰
۸- ٻه لنبيون ڪهاڻيون	" ٻه ليکڪ	۱-۵۰
۹- ستيم شوم سندرم	" ٻه ليکڪ	۱-۵۰
۱۰- پانڌي پراڻو واٽ نئين	" گوورڌن ڀارتي	۲-۵۰

ناول

۱- رڃ ۽ پاڇا	ليکڪ: موهن ڪلپنا	۳-۰
۲- ۱۴ ڏينهن (هند-پاڪ جنگ)	" چندولعل جيسنگهاڻي	۳-۰
۳- ديوداس	" شرت چندر	۳-۰
۴- گولڊ فنگر	جاسوسي ناول	۳-۰
۵- ٿنڊربال	" "	۳-۰
٦- نازنين	" "	۱-۵۰
۷- سرڳ ٻانهن ۾	" موهن ديپ	۱-۵۰

هر هڪ ڪتاب تي ۲۵ ٽڪا ڪميشن ڏني ويندي.
پئسا اڳواٽ موڪلڻ گهرجن. پوسٽ خرچ معاف.

گوورڌن محبوباڻي ”پارتي“
جا ڇپيل ڪتاب

۱- گل ۽ مکڙيون (شعر)
۲- الا مجنون ملير (گيت)
۳- طوفاني رات (ناٽڪ)
۴- بکڙيل گهر (ناٽڪ)
۵- پيلو چنڊ - لال داغ (ڪهاڻيون)
۶- لاليون (ٻارن لاءِ گيت)
۷- ننڍين ٻستي (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)
۸- ٻڪي هلي وڻندڙ ساڻيه (مذاقي گيت)
۹- ڪالو ۽ اکياڻو (مذاقي گيت)
۱۰- عمر مارئي (هندي ناٽڪ)



هي ڪتاب پرسو - ايم - مرتوالي ۽ سنگر پرنٽرس، پراڻي منڊي، اجمير مان ڇپائي ۽ ڪرنل پبليڪيشن، ۴، گرينٽ وليسٽرن بلڊنگ بمبئي -۱ مان پڌرو ڪيو.

۱۵ سپٽمبر کان

سنگيتمي رومانٽي ڪهاڻي جا



اداڪار:

راجيش کنا، نندا، لچل سچديو، اوم پرڪاش ۽ پيا

مهمان اداڪار: موهن ڪرشن، نانا پالسڪر ۽ افتخار.

شروع آهي

توهان کي کلائي کلائي کيرو ڪندي

يونائيٽيڊ ۴ جي

جورو ڪا غلام

(ايسٽمينڪلر)

آکاڻي: مڌوسدن ڪاليلڪر

ڊائريڪٽر: اي. ڀيمسنگهه

سنگيت: ڪلياڻجي آنندجي


گيت: آنند بخشي — ڊائلاگ: اختر-ال-ايمان

الڪار، ڪوهنور، ريڪس، لوٽس، گڻيش، بادل، روپم [سيان]، نيپچون [باندرا]، ملن، امبر، هنجر، سنگم، نوپورالا، سنگيتا، سونا، جگ، نٽراج، پارت، ڪالپنا، شرياس، گڻيش [ٽاٽا]، جوڪر-پورنما [ڪلياڻ]، سپنا [الهاسنگر]، حسين [ڀيوندي].

— ريڊيو فلمس رليز

شڪروار ۴ آگسٽ

اٿين تہ دنيا ۾ ايماندارن جي ڪمي، ڪانهي بي-ايمان ضرور



اداڪار: منوج ڪمار، راکي، ناظما، سنيھہ لتا، پريم چوپڙا، پريم ناٿ ۽ پران.

کان شروع آهي
پر هر انسان جي دل جي ڪنڊ ۾ ڪٿي
اڪو ويٺو آهي!

Be-Imaan

فلم نگر جي نئين پيشڪش

بي - ايمان

(ايسٽمن ڪلر ۾)

هدايتڪار ۽ نرماتا: سوهنلعل ڪنور

سنگيت: شنڪر ڄئڪشن

راکي - لوئس - پنليس - سڻي لائيٽ -
ريڪس - براب وي - روپم - ديپڪ -
نهپچو ن (باندرا)، ملن(سانتاڪروز)، امبر-سنگم (انڌيري)
منجو (جوگيشوري)، سنگيتا (ملاڊ)، انوپم (گوريگائو)-
اجنتا (بوريولي)، سهڪار (چيمبور) ڪاپنا-آڪاش(ڪرلا)
شرياس (گهاٽڪوپر)، وندنا - اشوڪ (ٿاڻا)
جوڪر (ڪلياڻ)، حسين (ڀيونڊي)، امن (الهاسنگر)

- ڊيلڪس پڪچرس رليز

تاريخ ٢٢ سپٽمبر کان ڏيکاري ويندي




ڪريڊٽ: ليڪ، پروڊيوسر، ايڊيٽر ۽ ڊائريڪٽر:
منوج ڪمار
سنگيت: لڪشمي ڪانت پياري لعل
گيت: سنتوش آنند، ورما ملڪ ۽ راجڪوي اندرجيت سنگهه تلسي
فوٽو گرافي: نريمن ايراني

منوج ڪمار جي لاثاني فلم

وشال انٽرنئشنل پراڊڪشن جي

ايسٽمينڪلر



SHOR

ڪلاڪار: منوج ڪمار، جيا ڀادري، پريم ناٿ، ڪامني ڪوشل، منورما، مدموهن، راج مهرا، نانا پالسڪر، ڪرشن ڌون، مينا ٽي، آسرائي، ماسٽر اوناش، بيبي سشما ۽ ٻيا ڪيئي

ايروز، آپيرا هائوس، اوڊس، پئلس، سنٽي لائيٽ، روپم، ديپڪ، نندي، ملن، امبر، سنگم، هنجر، سمراٽ، نيوايرا، اجنتا، سهڪار، ڪلپنا، آڪاش، شرباس، وندنا- اشوڪ (ٺاٺا)، جرڪر (ڪلياڻ)، ريجنٽ (الهاس نگر) حسين (پيونڊي)۔

ڊيلڪس پڪچرس رليز

مهاڀارت

اڄڪلهه وقت آهي ٿورو ۽ شاستر آهن گهڻا. ان ڪري سڀني
شاسترن ۾ جو گيان ۽ ڄاڻ جو جوڙ آهي تنهن جو نچوڙ ويد
وياس مهاڀارت ۾ ڏنو آهي. شري لوڪرام ڏوڏيجا وڏو
محنت ڪري اهو مهان گرنٿ تيار ڪري ڇپايو آهي.
وڏي سائيز جا اٽڪل هزار صفحا، آرٽ پيپر تي رنگين
٣٤ مورتون ۽ ١٢٥ سادريون مورتون، ڪپڙي جو پڪو
جلد. قيمت لاڳت کان به گهٽ رکيو ٥٠-٠ روپيا. ملڻ جو
هر هنڌ پبلشر وٽان...

(تمام جلد ڇپجي ظاهر ٿيندو لوڪرام ڏوڏيجا جو لکيل
شڪارپور جو اتهاس)

نوبل پيپر مارٽ

حسن چيمبر، پارسي بزار اسٽريٽ، فورٽ بمبئي-١

WITH BEST COMPLIMENTS
OF·



Grand Bazar

AIR CONDITIONED

DEPARTMENT STORES

25, COLABA CAUSEWAY
BOMBAY- 1.



Gram: "FULLRANGE" Phone: 212020

شري نارائڻ پارٽيءَ جو نئون ڪتاب

سنڌ ۽ سنڌي ٻولي

سنڌ جي مختصر تاريخ - آريائيءَ کان وٺي - اڄ سوڌو
سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ - سنڌي ٻولي ڪيئن
وڌي ۽ ويجهي.

ڪونج طوفان ڊسمبر ۱۹۷۲ ۾ ظاهر ٿيندو

وشنو ڀاٽيا جي ٻي باڪ ڪهاڻين جو مجموعو

سچ جا ٽڪرا

۽ ٻيون ڪهاڻيون
(صرف بالغن لاءِ)
جلد ظاهر ٿيندو.